# قرآن مجيد
# ۽ اسان جون
# ذميواريون

ڊاڪٽر اسرار احمد
جي هڪ اردو تقرير
جو آسان سنڌي ترجمو

انجمن خدام القرآن سنڌ
۱۱- داتود منزل نزد آرام باغ شاهراهِ لياقت ڪراچي

هيءُ ڪتاب ڇپارائڻ ۽ شايع ڪرڻ جي هر ڪنهن کي عام اجازت آهي.

ڪتاب جو نالو : قرآن مجيد ۽ اسان جون ذميواريون

مصنّف : ڊاڪٽر اسرار احمد

سنڌيڪار : ڊاڪٽر ممتاز بخاري

شايع ڪندڙ : سراج الحق سيّد

ڪتابت : بدرالدين ٻُٽو

تعداد اشاعت : ٽي هزار

تاريخ اشاعت : آڪٽوبر ١٩٨٩ع

قيمت : ٻه روپيه

مقامِ اشاعت : 56 - D - بلاڪ B شمالي ناظم آباد ڪراچي - ٣٣

ملڻ جا هنڌ :

١- انجمن خدّام القرآن سنڌ

II- دائود منزل نزد آرام باغ شاهراهِ لياقت ڪراچي - ١ فون 216586

٢- سنڌ نيشنل اڪيڊمي پوسٽ باڪس 258 حيدرآباد

٣- سنڌ جنرل اسٽور شاهي بازار سکر - 65200

# قرآن مجيد ۾ اسان جون ذميواريون

ڊاڪٽر اسرار احمد

جي هڪ اردو تقرير
جو آسان سنڌي ترجمو

انجمن خدّام القرآن سنڌ
١١- دائود منزل نزد آرام باغ شاهراهِ لياقت ڪراچي ١

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

# قرآن... هڪ نهايت وڏي دولت

برادرانِ دين! اوهان ڏٺو هوندو ۽ اوهان کي ڄاڻ آهي ته اسان جي گهرن ۾ هڪ اهڙو مقدّس ڪتاب آهي، جنهن جي تمام گهڻي عزت ڪئي ويندي آهي ۽ انهيءَ ڪتاب کي اسان تمام سهڻي ڪپڙي ۾ ويڙهي گهر جي ڪنهن مٿانهين جاءِ تي رکندا آهيون، جيئن انهيءَ جي بي ادبي نه ٿئي، ۽ وري ڪڏهن ڪڏهن گهر جو ڪو بزرگ انهيءَ مقدّس ڪتاب کي کولي وڏي احترام وچان پاڪ صاف ٿي تلاوت ڪندو آهي. اسان جي ڪن دِيني گهراڻن ۾ گهر جا سڀ ڀاتي انهيءَ مقدّس ڪتاب کي باقاعدگيءَ سان پڙهندا آهن، ۽ ساڳي وقت اُهي پنهنجي ٻارن کي به انهيءَ جي تعليم ڏيارڻ جو جوڳو بندوبست ڪندا آهن. پر هن وقت ڪيترن ئي گهرن ۾ انهيءَ مقدّس ڪتاب کي پڙهڻ جو ڪو به انتظام نظر نٿو اچي، صرف انهيءَ کي هڪ پاڪ ڪتاب ڄاڻي گهر جي ڪنهن مٿانهين جاءِ تي رکيو ڇڏين.

اوهان سمجهي ويا هوندا ته جنهن ڪتاب جو اسان ذڪر ڪري رهيا آهيون اُهو "قرآن مجيد" آهي. اهو قرآن انهيءَ الله جو ڪلام آهي جيڪو زمين ۽ آسمان جو خالق ۽ مالڪ آهي، ۽ اهو ئي اسان جو ربّ آهي. هونئن ته الله تعاليٰ جا اسان تي ايترا احسان آهن جو جيڪڏهن اسان سڄي زندگي انهيءَ مالڪ جو شڪر ادا ڪندا رهون تڏهن به انهن احسانن جو حق نٿو ادا ٿي سگهي، مگر ڇا توهان کي سُڌ آهي ته الله جو سڀ کان وڏو احسان ڪهڙو آهي؟ اسان جي نبي ڪريم صلّي الله عليه وسلّم ٻڌايو آهي ته هن ڪائنات ۾ انسانن تي الله جو سڀ کان وڏو انعام ۽ سڀ کان عظيم احسان اهو آهي ته هن اسان کي پنهنجو ڪلام يعني قرآن مجيد عطا ڪيو آهي. انهيءَ ڪري جو قرآن مجيد اها نعمت آهي جنهن سان جيڪڏهن اسان محبّت رکون ته اسان جو هي جهان توڙي آخرت ٻئي موچارا ٿي پوندا. ٿورو ويچار ڪريو ته جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي ڪو اهڙو مالڪ موتي ملي وڃي جنهن جي ڪارڻ هن کي دنيا جون سڀئي نعمتون ميسّر ٿين ۽ ساڳي وقت کيس آخرت جي ڪاميابيءَ جي ضمانت به ملي وڃي، ته ڇا اهڙي ماڻهوءَ جي لاءِ اهو املهه موتي هڪ عظيم ترين دولت نه ٿيندي؟ اسان مسلمانن جي

بد قسمتي ڏسو، تہ اھو املھ ماڻڪ موتي اسان وٽ موجود آھي، جيڪو اسان کي دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابيءَ جي ضمانت ڏي ٿو، پر اسان انھيءَ جي صحيح عظمت ۽ شان کان واقف بہ نہ آھيون! اسان جو مثال انھيءَ فقير جھڙو آھي جنھن جي ڪُنيءَ ۾ هيرا ۽ موتي موجود آھن پر اھو پنھنجي ناداني جي سبب انھن موتين کي رڳو شيشي جا ٽڪرا ڄاڻي پنھنجي آڏو ھٿ ٽنگيندو رھي ٿو. ”وجين چو وڻڪار ھٿ نہ ڳولين ھون کي“ واري حالت فقيرسان آھي رڳو بي علمي سبب.

انھيءَ ڪري اسان لاءِ اھو ضروري آھي تہ اسان سڀ کان پھرين قرآن مجيد جي اھميت ۽ انھيءَ جي ڄاڻ حاصل ڪريون. قرآن مجيد جي عظمت ۽ انھيءَ جو شان تہ اھو آھي تہ جيڪو بہ ماڻھو انھيءَ مقدس ڪتاب سان دل جي گھرائين سان واسطو رکندو، تہ اھو نبي اڪرم صلى الله عليه وسلم جي فرمان مطابق سيني انسانن کان مٿانھو مرتبو ماڻيندو ۽ جا قوم قرآن مجيد کي پنھنجي هينئين سان ھنڊائيندي ۽ ان تي عمل ڪندي انھيءَ قوم کي ھن دنيا ۾ بہ مٿانھون مقام عطا ڪيو ويندو. بيشڪ قرآن پاڪ اھا ڪيميا آھي جا قومن جي تقدير بدلائڻ جي قوت رکي ٿي. اسان کي اھا ڄاڻ ھئڻ گھرجي تہ الله تعالى اسان تي ايڏو وڏو احسان ڪيو آھي، جو قرآن مجيد جھڙي عظيم ترين دولت اسان کي عطا فرمائي اٿس، تہ پوءِ اسان تي بہ اھو فرض آھي تہ اسان الله جي انھيءَ احسان جو دل جي گھرائين سان شڪرادا ڪريون. پر اسان الله جو شڪر ڪھڙيءَ ريت ادا ڪريون ؟ انھيءَ لاءِ اسان کي گھرجي تہ:- (١) اسين الله تعالى جي پاڪ ڪلام تي ايمان آڻيون. (٢) انھيءَ جي تلاوت ڪريون. (٣) انھيءَ کي چڱيءَ طرح سمجھون ۽ انھيءَ تي غور ۽ فڪر ڪريون. (٤) انھيءَ تي عمل ڪريون. ۽ (٥) انھيءَ کي ٻين تائين پھچائڻ جي دل وجان سان ڪوشش ڪريون.

جيڪڏھن اسان قرآن مجيد جي انھن حقن کي ادا ڪنداسين تہ بيشڪ اسان جي شڪر جي ادائگي جي ڪاصورت نڪرندي ۽ دنيا ۽ آخرت جون سڀئي ڪاميابيون ۽ نعمتون اسان جي حصي ۾ اينديون، پر جيڪڏھن اسان انھيءَ فرض جي بجا آوريءَ ۾ ڪوتاھي ڪئي تہ پوءِ اھو الله تعالى جو ڪلام يعني قرآن مجيد الله تعالى جي عدالت ۾ اسان جي خلاف شاھد طور پيش ٿيندو ۽ اسان جاؤ ڪا پڌرا ڪندو. ان وقت اسان ڪٿي جانہ رھنداسين. انھيءَ ڪري اسان کي گھرجي تہ اسين انھن مقرر ڪيل حقن کي سمجھڻ جي ڪوشش ڪريون ۽ انھن جي ادا ڪرڻ لاءِ پنھنجو پاڻ پتوڙيون. اچو تہ انھن مقرر ڪيل حقن تي نظر وجھون.

پهريون حق

# قرآن تي ايمان آڻڻ گهرجي

ظاهري طور تي اها ڳالهه ڪيڏي نه عجب جهڙي لڳي ٿي ته مسلمانن کي چيو پيو وڃي ته قرآن تي ايمان آڻڻ گهرجي!! جيتوڻيڪ قرآن تي ايمان آڻڻ کانسواءِ ڪو به ماڻهو مسلمان سڏائي نٿو سگهي. جيڪڏهن انهيءَ حقيقت کي ذهن ۾ رکجي ته ايمان جا به حصا آهن. هڪ زبان سان اقرار ڪرڻ ۽ ٻيو دل سان قبول ڪرڻ. ايمان تڏهن ئي ڪامل ۽ مڪمل ٿي سگهندو جڏهن زباني اقرار سان گڏوگڏ دلي يقين به حاصل ٿي وڃي. صفت ايمان مجمل جا الفاظ : اٰمنت بِاللہ کما ھو باَسمائہٖ وصفاتہٖ وقبلت جمیع احکامہٖ اقرار باللسان وتصدیق بالقلب انهيءَ جي تشريح ڪري رهيا آهن. انهيءَ ڪري جيڪڏهن جنهن شيءِ تي اسان جو يقين ٿي وڃي ته پوءِ اسان جو عمل انهيءَ شيءِ جي خلاف ڪڏهن به نه ٿيندو. جيئن اسان کي خبر آهي ته باهه ساڙي ٿي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو ڪو به ماڻهو باهه ۾ هٿ نه وجهندو. نه صرف ايترو پر جيڪڏهن اسان کي ڪنهن شيءِ تي شڪ آهي ته اسان کي ان مان ڇيهو رسندو ته پوءِ انهيءَ کان به اسين پاسو ڪندا آهيون. جيئن اسان کي ڄاڻ آهي ته ڪيترين ئي بلائن زهريليون نه هونديون آهن، پر تڏهن به اسين بلا کي جهلڻ لاءِ تيار نه ٿيندا آهيون. اسان جي اها دعويٰ آهي ته اسان کي قرآن مجيد تي پورو يقين آهي، پر اسان جو طرزِ عمل انهيءَ جي بلڪل ابتڙ آهي. جنهن جو چٽو ثبوت اهو آهي ته اسان نڪي انهيءَ جي باقاعدگيءَ سان تلاوت ڪندا آهيون ۽ نه انهيءَ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. نه رڳو ايترو پر قرآن جي حڪمن تي عمل ڪرڻ لاءِ به تيار نه آهيون. انهيءَ مان ثابت ٿئي ٿو ته اسان جو ايمان ڪمزور آهي. اسان زبان سان اقرار ڪريون ٿا ته اهو الله تعاليٰ جو ڪلام آهي، پر افسوس جو اسان يقين جي دولت کان محروم آهيون، نه ته جنهن کي به انهيءَ تي مڪمل يقين ٿي وڃي ته پوءِ لازمًا انهيءَ جي زندگيءَ جو هر عمل قرآن جي حڪمن پٽاندڙ ٿيئي ٿو. اصحابن سڳورن جي باري ۾ اوهان کي پليءَ پت

خبر آهي ته انهن کي قرآن سان ڪيتري قدر محبّت هوندي هئي، جيئن ئي قرآن جي ڪا آيت نازل ٿيندي هئي ته سندن اها ڪوشش هوندي هئي ته هو انهيءَ آيت کي جلد کان جلد ياد ڪري وٺن. هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته اسين انهيءَ ڪميءَ کي ڪيئن پورو ڪريون؟ انهيءَ جو تمام آسان جواب اهو آهي ته اسين پنهنجي زندگيءَ جي چونڪاري جو حل صرف قرآن کي ئي سمجهون. اهڙيءَ ريت جڏهن اسان کي اهو يقين ٿي وڃي ته قرآن الله تعالىٰ جو ڪلام آهي ۽ اسان جي هدايت لاءِ ئي موڪليو ويو آهي، ۽ ساڳئي وقت اسان جي هر ساهه جو ساٿي پڻ آهي، ته پوءِ جيڪڏهن اسان دل جي گهرائين سان اهو يقين ڪري ورتو ته قرآن اسان لاءِ ئي آهي ته پوءِ اسان جي زندگيءَ ۾ انقلاب اچي ويندو ۽ اسان ئي محسوس ٿيڻ لڳندو ته زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ جيڪي به شيون خلقيون ويون آهن، انهن سڀني کان وڌيڪ بلند ترين ۽ عظمت واري شيءِ قرآن ئي آهي. بيشڪ انهيءَ کان وڌيڪ ٻي ڪا به نعمت نه آهي. جيئن حضور صلّى الله عليه وسلّم جن هڪ حديث ۾ فرمايو ته جنهن ماڻهوءَ کي قرآن جهڙي دولت عطا ٿي هجي ۽ هن جي دل ۾ وري به اهو خيال پيدا ٿيو ته ڪنهن کي انهيءَ کان به وڌيڪ نعمت ملي آهي ته هن ڄڻ قرآن جو قدر ۽ مرتبو نه سڃاتو.

ٻيو حق

# قرآن جي تلاوت ڪرڻ گهرجي

اسان مسلمانن تي قرآن مجيد جو ٻيو حق اهو آهي ته اسان انهيءَ جي وڌ ۾ وڌ تلاوت ڪريون. اهو ئي ڪارڻ آهي ته انهيءَ مقدّس ڪتاب جي اصل قدردانن جي اها ڪيفيت قرآن مجيد ۾ پڻ بيان ڪئي وئي آهي ته: اَلَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ يَتْلُوْنَهٗ حَقَّ تِلَاوَتِهٖ ط (جن ماڻهن کي اسان ڪتاب عطا ڪيو آهي، سي انهيءَ جي تلاوت ڪندا آهن، جيئن ان جي تلاوت جو حق آهي.) الله تعالىٰ اسان سڀني کي توفيق عطا فرمائي ته اسان

قرآن مجيد جو حق تلاوت جي ذريعي ادا ڪري سگهون (آمين) انهيءَ جي باري ۾ سڀ کان وڌيڪ اهم اِها ڳالھ ڄاڻڻ گهرجي تہ قرآن مجيد جي بار بار تلاوت ڪرڻ ڇو ضروري آهي؟ جڏهن تہ اسان سڀني کي اِها خبر آهي تہ انسان اشرف المخلوقات آهي، ايتريقدر جو فرشتن بہ انهيءَ کي سجدو ڪيو هو ۽ اهڙيءَ طرح انهيءَ جي برتريءَ کي پڻ تسليم ڪيو ويو هو. پر انسان جي اشرف المخلوقات ٿيڻ جو اصل سبب اهو آهي تہ هن جي تخليق ۾ جتي مٽي ۽ گارو شامل آهي تہ انهيءَ سان گڏوگڏ هن ۾ روح بہ داخل ڪيو ويو. جيئن قرآن مجيد ۾ الله تعالىٰ فرشتن سان مخاطب ٿي فرمائي ٿو تہ: اِنِّیْ خَالِقٌۢ بَشَرًا مِّنْ طِیْنٍ فَاِذَا سَوَّیْتُهٗ وَنَفَخْتُ فِیْهِ مِنْ رُّوْحِیْ فَقَعُوْا لَهٗ سَاجِدِیْنَ ه مطلب تہ اشرف المخلوقات يعني انسان جي تخليق جا بہ حصا آهن، هڪ گوشت جو ٺهيل جسم آهي جيڪو مٽيءَ مان ٺهيو آهي ۽ ٻيو حصو اهو روح آهي جنهن جي نسبت الله تعالىٰ پنهنجي ذات ڏانهن ڪئي آهي. انهيءَ گوشت واري حصي جون سڀئي ضرورتون انهيءَ ساڳيءَ مٽيءَ مان ئي پوريون ٿين ٿيون، پر روح جو تعلق هن زمين سان نہ آهي، بلڪ هن جو فرشتن واري دنيا سان واسطو آهي. اهڙيءَ ريت روح جي غذا بہ مٽيءَ مان حاصل نٿي ٿئي، پر "وحي اللهي" جي صورت ۾ آسمانن کان ايندي آهي. انهيءَ حساب سان قرآن مجيد دراصل اسان جي روح لاءِ غذا جو ڪم ڏئي ٿو ۽ انهيءَ جي تلاوت روح جي نشونما ۽ ان جي تازگيءَ جو اهم ذريعو آهي. اهڙيءَ طرح اها ڳالھ اسان جي آڏو صاف ظاهر ٿئي ٿي تہ جهڙيءَ طرح اسان پنهنجي جسم کي صحتمند رکڻ لاءِ مسلسل محنت ڪريون ٿا ۽ سٺو کاڌو کائون ٿا، انهيءَ ريت اسان پنهنجي روح کي پاڪ ۽ صاف رکڻ لاءِ بہ بار بار قرآن مجيد جي تلاوت ڪندا رهون ۽ انهيءَ سان گڏ ان کي سهڻي نموني سان پڙهڻ ۽ سمجهڻ جي بہ ڪوشش ڪريون. قرآن مجيد جي تلاوت جو حق ادا ڪرڻ لاءِ هيٺيون ڳالهيون بيحد ضروري آهن.

**تجويد:** قرآن مجيد جي صحيح تلاوت لاءِ تجويد جو سکڻ تمام ضروري آهي. تجويد جو مطلب آهي تہ عربي حرفن جي سڃاڻپ ۽ انهن جي صحيح ادائگي، ۽ انهيءَ سان گڏ قرأت جي بنيادي اصولن جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ. تجويد جو سمجهڻ انهيءَ ڪري ضروري آهي جو ان کان سواءِ قرآن جي صحيح تلاوت نہ ٿي سگهندي، بلڪ اهو انديشو رهندو تہ ڪٿي قرآن جي معنىٰ ۾ فرق نہ اچي وڃي. مثال طور "قُلْ" جو مطلب

آهي ”چؤ“ پرجيڪڏهن انهيءَ کي ”ڪُلْ“ پڙهيو وڃي ته ان جو مطلب ٿي پوندو ”کاءُ“ اهڙيءَ طرح ”اَنْعَمْتَ“ جو مطلب آهي ”تو فضل ڪيو“ (آهي) پر جيڪڏهن انهيءَ کي ”اَنْعَمْتُ“ پڙهيو وڃي ته ان جو مطلب ٿي پوندو ”مون فضل ڪيو“ (آهي) تو هان ڏٺو ته زبر ۽ پيش جي معمولي غلطيءَ جي ڪري مطلب ۽ مفهوم ۾ ڪيڏو نه فرق ٿي پيو. انهيءَ مان ثابت ٿيو ته تجويد جو سکڻ تلاوت جو بنيادي جز آهي.

**٢- باطني ۽ ظاهري آداب:** قرآن مجيد جي تلاوت ڪندي ڪن ڳالهين جو خاص خيال رکڻ تمام ضروري آهي جن مان ڪي ظاهري نوعيت جون ٿين ٿيون، ته ڪن جو تعلق اسان جي باطن (اندر) سان ٿئي ٿو. ظاهري دستور ۾ باوضوءُ هئڻ، پاڪ ۽ صاف لباس پهرڻ ۽ قبلي ڏانهن منهن ڪري ادب سان ويهڻ شامل آهي. اِنهيءَ ريت اِهو به ضروري آهي ته تلاوت جي شروعات اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطَانِ الرَّجِيْمِ ۽ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ سان ڪئي وڃي. باطني نوعيت جا آداب هن ريت آهن ته دل ۾ الله ۽ ان جي پاڪ ڪلام جي عظمت جو احساس هجي ۽ الله تعالىٰ جي ناراضگيءَ جو ڊپ ۽ انهيءَ جي محبت جو جذبو ۽ رحمت جي اميد دل ۾ پيدا ڪرڻ جي نيت هئڻ گهرجي. اهڙي طرح تلاوت هميشه هدايت حاصل ڪرڻ جي نيت سان ڪئي وڃي ۽ ساڳئي وقت دل ۾ اهو پڪو ارادو هئڻ گهرجي ته تلاوت ڪرڻ سان جيڪي ڪجهه سمجهه ۾ آيو انهيءَ تي عمل ڪندس ۽ قرآن مجيد جي هدايت مطابق زندگي بسر ڪندس.

**٣- روزجو معمول:** قرآن مجيد جي تلاوت جو حق ادا ڪرڻ لاءِ اهو به ضروري آهي ته ان جي تلاوت کي پنهنجي روزمره جي مشغوليت ۾ شامل ڪيو وڃي. روزانو ڪيتري تلاوت ڪجي ان جي گهٽ وڌائيءَ جي ڪافي گنجائش موجود آهي ۽ مختلف ماڻهن جي لاءِ ان جي مختلف حد ٿي سگهي ٿي. بهرحال ٽن ڏينهن کان گهٽ وقت ۾ قرآن مجيد پورو ڪرڻ درست نه آهي. يعني روزانو ڏهن سيپارن کان وڌيڪ پڙهڻ حضور صلّى الله عليه وسلّم جي ارشاد مطابق مناسب نه آهي. تنهن هوندي به روزانه گهٽ ۾ گهٽ هڪ سيپارو ضرور پڙهڻ گهرجي، جيئن هڪ مهيني ۾ پوري قرآن مجيد جي تلاوت مڪمل ٿي وڃي. اصحابن سڳورن جو اهو معمول هوندو آهي

هڪ حزب (هڪ حصي) جي تلاوت ڪري ستن ڏينهن ۾ قرآن مجيد پورو ڪندا هئا. اوهان کي ڄاڻ هوندي ته قرآن مجيد جا ڪل ست احزاب آهن ۽ هر هڪ حزب اٽڪل ساڍن چئن سيپارن تي مشتمل آهي جنهن جي تلاوت وڏي آرام ۽ سڪون سان ٻن ڪلاڪن ۾ ڪري سگهجي ٿي.

## ٤- خوش الحاني (مٺو ۽ سُريلو آواز)

الله تعاليٰ رسول اڪرم صلّي الله عليه وسلّم کي تاڪيد ڪندي فرمايو ته: زَيِّنُوا الْقُرْاٰنَ بِاَصْوَاتِكُمْ يعني قرآن کي پنهنجي آواز سان سهڻو بڻايو. انهيءَ ڏس ۾ ڪوتاهي ۽ بي پرواهي ڪرڻ تي پاڻ سڳورن سخت تنبيهه ڪندي فرمايو آهي ته: مَنْ لَّمْ يَتَغَنَّ بِالْقُرْاٰنِ فَلَيْسَ مِنَّا يعني جيڪو ماڻهو قرآن کي سهڻي آواز ۾ نه پڙهندو اهو اسان منجهان نه آهي. انهيءَ ڪري اسان کي گهرجي ته اسين قرآن مجيد جي وڏي ۾ وڏي سٺي ۽ سريلي آواز ۾ تلاوت ڪريون.

## ٥- ترتيل:

قرآن مجيد جي تلاوت جو حق ادا ڪرڻ لاءِ اهو به ضروري آهي ته اسان ان کي ترتيل جي انداز ۾ پڙهون. ترتيل جو مطلب آهي جهلي جهلي پڙهڻ يعني قرآن مجيد جي هر آيت تي بيهندي ۽ ان جي مقصد ۽ مفهوم کي سمجهندي ۽ ان جي اثر کي قبول ڪندي پڙهيو وڃي. پاڻ سڳورن ؐ کي شروع کان ئي اهو حڪم ڪيو ويو ته: يَاۤاَيُّهَا الْمُزَّمِّلُ قُمِ الَّيْلَ اِلَّا قَلِيْلًا ﴿﴾ ...... وَرَتِّلِ الْقُرْاٰنَ تَرْتِيْلًا ﴿﴾ يعني اي ڪمبل ۾ ويڙهجي ليٽڻ وارا (محمّدؐ) رات جو (پنهنجي ربّ جي آڏو) بيهندو ڪر ....... ۽ قرآن کي جهلي جهلي پڙهندو ڪر

## ٦- حفظ:

عام طرح اهو سمجهيو وڃي ٿو ته حفظِ قرآن پوري قرآن کي زباني ياد ڪرڻ جو نالو آهي ۽ اهو ڪم ڪنهن خاص گروهه جي ماڻهن جي ڪرڻ جو آهي. حقيقت ۾ اِها سوچ صحيح نه آهي، بلڪ حفظِ قرآن مان مراد آهي ته هر مسلمان قرآن کي وڌ ۾ وڌ ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهي، جيئن اهو انهيءَ لائق ٿي سگهي جو نفل نمازن ۾ ۽ خاص ڪري تهجّد نماز ۾ گهڻي کان گهڻو قرآن پڙهي سگهي. انهيءَ ڪري حضور اڪرم صلّي الله عليه وسلّم جو اهو دستور هوندو هو ته پاڻ سڳورا تهجّد جي نماز ۾ ڊگهي قرأت ڪندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ته هڪ هڪ رڪعت ۾ ڪيترن ئي سيپارن

جي تلاوت فرمائيندا هئا. تنهن ڪري اسان مان هرهڪ مسلمان کي اها ڪوشش ڪرڻ گهرجي ته قرآن جو ڪجهه نه ڪجهه حصو ضرور ياد ڪري. قرآن مجيد جا گهٽ ۾ گهٽ پڇاڙيءَ وارا ٻه يا چار سيپارا ته اسان مان هرڪنهن کي ياد هئڻ گهرجن. اهو انهيءَ ڪري جو پڇاڙيءَ وارن سيپارن ۾ سورتون گهٽيون وڌيون نه آهن ۽ ساڳيءَ وقت نماز ۾ به اڪثر اهي ئي سورتون پڙهيون وڃن ٿيون. پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو پورو قرآن مجيد ياد ڪري ته يقيناً اهڙي ماڻهوءَ لاءِ وڏو اجر آهي.

## ٽيون حق

# قرآن مجيد سمجهڻ گهرجي

قرآن مجيد جو ٽيون حق اِهو آهي ته ان کي سمجهڻ گهرجي. بيشڪ قرآن پوري دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ پڙهڻ وارو ڪتاب آهي، پر ساڳي وقت اهو ئي سڀ کان وڌيڪ مظلوم ڪتاب آهي جو سمجهڻ کان سواءِ پڙهيو وڃي ٿو. دراصل ائين ڪرڻ سان مسلمان پاڻ تي ظلم ڪري ٿو. شاه صاحبؒ اها ڪيفيت هن طرح بيان ڪئي آهي ته :

پڙهيو تا پڙهن، ڪڙهن ڪين قلوب ۾
پاڻان ڏوه چڙهن، جي ورق ورائين وِترا

اسان جو اهو مطلب هرگز نه آهي ته سمجهڻ کان سواءِ قرآن پڙهڻ ۾ ثواب نه ملندو. حضور اڪرم صلّی الله عليه وسلّم فرمايو آهي ته قرآن جي هر اکر تي ڏه نيڪيون آهن. پوءِ پاڻ سڳورن مثال ڏيندي فرمايو ته "الٓمٓ" تي اکر آهن، انهن جي تلاوت تي ٽيهه نيڪيون ملن ٿيون. سندن انهيءَ ارشاد مبارڪ مان اِها ڳالهه صاف ظاهر ٿئي ٿي ته قرآن مجيد جي سمجهڻ کان سواءِ تلاوت به ثواب کان خالي نه آهي. پر افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته اُهي ماڻهو جن دنياوي علم حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي پوري زندگي انهيءَ جا ڪورس ۾

بسرڪري ڇڏي، اهي الله جي دين کي سمجهڻ لاءِ بنيادي عربي به نه سکيا! اُهي الله جي آڏو ڪهڙو جواب ڏيندا؟ اسان دنياوي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ زندگيءَ جا ويهه ورهيه لڳائي ڇڏيون ٿا ۽ ساڳي وقت دولت ڪمائڻ جي لالچ ۾ ڏارين جي ٻولي سکڻ لاءِ به هر گهڙي تيار آهيون، پر الله جي پاڪ ڪلام کي سمجهڻ لاءِ عربي زبان سکڻ جي ٿوري ڪوشش به نٿا ڪريون، نه پوءِ انهيءَ جو سنئون سڌو مطلب اِهو آهي ته اسان جي نظرن ۾ الله تعاليٰ جي پاڪ ڪلام جو ڪو به قدر نه آهي. اسان جي اهڙي روش گناه جو ڪارڻ بڻجي رهي آهي، جيڪو تمام وڏو ڏوهه آهي. بهرحال اُهي سڀئي ماڻهو جن دنياوي تعليم حاصل ڪئي آهي يعني مئٽرڪ، بي - اي، ايم - اي وغيره، انهن جي لاءِ عربي زبان سکڻ لازمي آهي. الله جو پيغام سمجهڻ لاءِ اسان مان هرهڪ کي عربي ٻولي سکڻ گهرجي.

قرآن مجيد کي سمجهڻ ۽ انهيءَ مان نصيحت حاصل ڪرڻ جا پنج درجا آهن. پهريون درجو آهي "تذڪّر". تذڪّر جو لفظ ذڪر مان نڪتو آهي، جنهن جو مطلب آهي يادگيري. اِها ڳالهه اوهان جي علم ۾ هوندي ته قرآن پنهنجو پاڻ کي ذڪر به چوي ٿو يعني ياد داشت ۽ نصيحت. حقيقت ۾ يادگيري هميشه ڪنهن وسريل ڳالهه جي ڪرائي ويندي آهي ۽ ياد داشت جي لاءِ ڪا نشاني وڏي ڪارگر ثابت ٿيندي آهي. مثال طور اوهان جي ڪنهن عزيز دوست ڪجهه ورهيه اڳ اوهان کي تحفي ۾ ڪو بهترين قلم ڏنو ۽ اهو قلم اوهان پنهنجي ڪبٽ جي ڪنهن خاني جي ڪُنڊ ۾ رکي وساري ڇڏيو ۽ ساڳي وقت انهيءَ دوست سان به توهان جي ورهين کان ملاقات نه ٿي هجي، وري ڪنهن ڏينهن اوچتو اوهان کي انهيءَ دوست جو ڏنل قلم ڪبٽ ۾ نظر اچي وڃي ۽ انهيءَ نشانيءَ کي ڏسندي ئي پنهنجي دوست جي ياد تازه ٿي وڃي ٿي. بلڪل اهڙيءَ طرح قرآن جون آيتون به نشانيءَ جو ڪم ڏين ٿيون. اسان پنهنجي غفلت ۽ ڪوتاهيءَ جي ڪري الله تعاليٰ کي وساري ڇڏيون ٿا، پر جڏهن قرآن مجيد جي تلاوت ڪريون ٿا ته انهيءَ جو هڪ هڪ جملو نشانيءَ جو ڪم ڏي ٿو ۽ انهيءَ تي غور ڪرڻ سان دل ۾ ڌڻيءَ جي ياد تازه ٿي وڃي ٿي. انهيءَ ڪري ائين محسوس ٿئي ٿو ته اُهو "وعدهٔ الست" جيڪو الله تعاليٰ سڀني انسانن کان انهيءَ گهڙيءَ ورتو هو جڏهن صرف روحن جي تخليق ٿي هئي ۽ انهيءَ کي ياد ڏيارڻ ۽ نصيحت حاصل ڪرڻ لاءِ قرآن نازل ڪيو ويو. اهوئي سبب آهي جو قرآن جي هر جملي

کي آيت چيو وڃي ٿو، جنهن جو مطلب آهي نشاني ـ يعني قرآن جي آيتن کي جيڪڏهن اسان سمجهي پڙهون ته الله تعاليٰ تي ايمان آڻڻ ۽ هن جي بندگيءَ جي وعدي جي يادگيري تازه ٿي وڃي ٿي ۽ هر مسلمان کي اهڙي يادگيريءَ جي ضرورت آهي ته نصيحت حاصل ڪري. اهو ئي ڪارڻ آهي جو الله تعاليٰ قرآن مجيد کي انهيءَ لحاظ کان نهايت آسان بڻايو آهي جيئن قرآن ۾ ارشادِ رباني آهي ته : وَلَقَدْ يَسَّرْنَا الْقُرْاٰنَ لِلذِّكْرِ فَهَلْ مِنْ مُدَّكِرٍ ۝ [بيشڪ اسان قرآن کي (اوهان جي) نصيحت پرائڻ لاءِ آسان ڪيو آهي. ڇا ڪو آهي ڪو سوچڻ (نصيحت پرائڻ) وارو؟]

قرآن مجيد کي سمجهڻ ۽ انهيءَ مان نصيحت پرائڻ جو ٻيو درجو آهي "تدبّر" يعني قرآن تي غور ۽ فڪر، سوچ ۽ ويچار ڪرڻ ۽ انهيءَ مان علم، حڪمت ۽ معرفت جا موتي ميڙي ڪڍڻ. حضور اڪرم صلّي الله عليه وسلّم فرمايو آهي ته قرآن هڪ اهڙو ڪتاب آهي، جنهن جي مطالعي مان عالم ڪڏهن به ڍاپي نه سگهندا ۽ نه ئي تلاوت جي ڪثرت سان انهيءَ جي چاهت ۾ گهٽتائي ايندي ۽ نه وري انهيءَ جي (ڄاڻ جي) عجائبات جا خزانا ڪڏهن ختم ٿيندا. اهڙي انداز سان قرآن جو مطالعو ڪرڻ ۽ قرآني علم جون جيرت ۾ وجهندڙ حقيقتن کان صحيح طريقي سان فيض ياب ٿيڻ جي لاءِ مٿانهين درجي جي علمي صلاحيت جي ضرورت آهي، جنهن لاءِ هر دور ۾ ڪي اهڙا شخص ضرور هئڻ گهرجن جيڪي اهڙي انداز سان قرآن جو مطالعو ڪن ۽ پوري زندگي قرآن جي غور ۽ فڪر ۾ گذارين ۽ سا ڳئي وقت انهيءَ جي حقيقت ۽ علم و فضل کي عام ڪرڻ ۾ ڪا به ڪوتاهي نه ڪن.

### چوٿون حق

# قرآن تي عمل ڪيو وڃي

هر مسلمان تي قرآن مجيد جو چوٿون حق اِهو آهي ته ان تي عمل ڪري ۽ ان کي پنهنجي زندگيءَ جو رهنما بڻائي. حقيقت اها آهي ته قرآن مجيد پڙهڻ ۽ سمجهڻ

پرپٺ گلا ڪرڻ وارا ۽ مهڻا ڏيڻ وارا قرآن مجيد پڙهندي به قرآن جي سخت سزائن جا مستحق بڻجن ٿا.

جڏهن اسان حضور اڪرم صلّی اللہ علیہ وسلّم ۽ سندن اصحابن سڳورن جي زندگيءَ تي نظر وجهون ٿا ته اسان کي ائين محسوس ٿئي ٿو ته انهن ماڻهن جي زندگين ۾ قرآن رچيل هو. هنن جو هر هڪ عمل انهيءَ ڳالھ جي شاهدي ڏئي ٿو ته هنن قرآن کي وقت مطابق پنهنجو رهنما بڻايو هو ۽ انهن پنهنجي مرضي ۽ خواهشن کي قرآن جي فيصلي جي آڏو جهڪائي ڇڏيو هو. حضرت عائشہ رض کان هڪ اصحابيءَ سوال پڇيو ته حضور اڪرم صلّی اللہ علیہ وسلّم جي سيرت ڪيئن هئي؟ بيبي صاحبہ جواب ۾ ارشاد فرمايو ته پاڪ سڳورن جي سيرت قرآن ئي ته آهي. يعني حضور اڪرم صلّی اللہ علیہ وسلّم جي زندگي قرآن جي حڪمن مطابق هئي. مطلب ته پاڪ سڳورا هڪ چرندڙ پرندڙ قرآن هئا. اسان جي لاءِ انهيءَ ۾ اها رهنمائي آهي ته جيڪڏهن اسان اهو چاهيون ٿا ته قرآن جي مطابق زندگي گذاريون ته پوءِ اسان جي لاءِ حضور ؐ جن جي زندگي هڪ بهترين نمونو آهي. مطلب ته حضور اڪرم صلّی اللہ علیہ وسلّم جي نقش قدم تي هلڻ جڻ قرآن تي عمل ڪرڻ آهي.

قرآن مجيد جا ڪجھ احڪام انفرادي زندگيءَ جي متعلق آهن ۽ ڪن جو تعلق وري اجتماعي معاملن سان آهي. اهڙا سڀئي معاملا جن جو تعلق ڪنهن فرد جي ذاتي زندگيءَ سان آهي مثال طور نماز، روزو، حج، زڪوٰة، حلال رزق ڪمائڻ ۽ پين ٿا سنئو ورتاءُ ڪرڻ وغيره اِهي احڪام هر مسلمان جي لاءِ هر گھڙيءَ لازم آهن. پر اُهي احڪام جيڪي اجتماعي معاملن جي متعلق آهن. مثال طور چور جا هٿ وڍڻ ۽ وياج جي ڪاروبار جو خاتمو وغيره اهڙن حڪمن تي تيستائين عمل ڪري نٿو سگھجي، جيستائين طاقت ۽ حڪومت مسلمانن جي هٿ ۾ نه هجي. اهڙين حالتن ۾ جڏهن ته مسلمانن وٽ اقتدار ۽ حڪومت نه هجي ته پوءِ سڀني مسلمانن تي اهو فرض عائد ٿئي ٿو ته اُهي اسلام جو غلبو حاصل ڪرڻ جي لاءِ جدوجهد ڪن، ته قرآن جي سڀني حڪمن تي عمل ڪرڻ ممڪن ٿي سگھي. انهيءَ ڪري ته قرآن جي ڪن حڪمن تي عمل ڪرڻ ۽ ڪن جي خلاف ورزي ڪرڻ اللہ تعالیٰ جي نظر ۾ تمام وڏو گناه آهي. يهودين ۾ اِها گمراهي پيدا ٿي وئي هئي ته اُهي "توراة" جي ڪن هدايتن تي عمل ڪندا هئا ۽ ڪن حڪمن جي پڇڪڙي ڪندا هئا. انهيءَ ڪري

الله تعاليٰ "سورة البقرة " ۾ تمام سخت لفظن ۾ تنبيهه فرمائي آهي ته "ڇا توهان ڪتاب جي ڪن حصن کي مڃيو ٿا ۽ ڪن حصن جو انڪار ڪريو ٿا. توهان مان جيڪو ائين ڪندو انهيءَ جي سزا انهيءَ ڪانسواءِ ڇا ٿي سگهي ٿي ته ان کي دنيا ۾ ذليل ۽ خوار ڪيو وڃي ۽ آخرت ۾ ڪيس سخت عذاب ۾ وڌو وڃي." ائين معلوم ٿئي ٿو ته اڄ پوري دنيا ۾ مسلمانن جي ذلت ۽ خواري جو اصل ڪارڻ اِهو آهي ته اسان قرآن کي ڇڏي ڏنو آهي. اسان قرآن مجيد جي ڪن حڪمن تي عمل ڪريون ٿا، پر اڪثر حڪمن جي کلي کلائي خلاف ورزي ڪري رهيا آهيون. نه صرف ايترو پر قرآن کان اسان جي بي پرواهيءَ جي اِها حالت آهي جو اسان اِهو ڄاڻڻ جي ڪوشش ئي نٿا ڪريون ته قرآن ۾ اسان کي ڪهڙيون هدايتون ۽ حڪم ڏنا ويا آهن.

## پنجون حق

# قرآن مجيد ٻين تائين پهچايو وڃي

قرآن مجيد جو پنجون ۽ آخري حق اِهو آهي ته انهيءَ کي ٻين تائين پهچايو وڃي. مطلب ته قرآن کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۽ انهيءَ تي عمل ڪرڻ کي ڪافي نه سمجهيو وڃي بلڪ سڀني مسلمانن تي اِهو فرض عائد ٿئي ٿو ته دنيا جي سڀني ماڻهن تائين قرآن جو پيغام پهچائين. انهيءَ ڪري ته جيڪڏهن اسان مسلمان قرآن جو پيغام پوري دنيا ۾ نه پهچائينداسين ته ٻيو ڪير پهچائيندو؟ رسول الله صلّى الله عليه وسلّم الله جا آخري نبي آهن ۽ قيامت تائين ڪو ٻيو نبي نه ايندو. انهيءَ ڪري الله تعاليٰ جو پيغام جن ماڻهن تائين اڃا سوڌو نه پهتو آهي انهن تائين انهيءَ پيغام کي پهچائڻ جي ذميواري حضورﷺ جي اُمت تي آهي يعني اسان تي آهي. الله جي رسول صلّى الله عليه وسلّم مسلسل ٢٣ سالن تائين انهيءَ قرآن جي دعوت ۽ تبليغ جو فرض سر انجام ڏنو. ڏنو وڃي ته اهو ڪم سولو نه هو. اهو تمام ڏکيو ۽ جاکوڙ وارو ڪم هو. انهيءَ جدوجهد ۾ ڪين هر قسم جون تڪليفون ۽ مصيبتون

# ڇو ٽڪاري جي وات

## سُورة العصر جي روشنيءَ ۾

تاليف: **ڊاڪٽر اسرار احمد**

ايم-بي-بي-ايس (پنجاب) ايم-اي-اسلاميات (ڪراچي)

ترجمو: **مُحمّد ابراهيمُ انصاري**

ايم-اي (سنڌي)، ايم-اي (اُردو)

نظرثاني: پروفيسر **مُحمّد فاضل شيخ**

گورنمينٽ ڊگري ڪاليج، سکر

ڪتابت ۽ خطاطي سرورق: مُصطفيٰ قلم سکر


**انجمن خدّامُ القرآن**

سنڌ ڪراچي.

# انجمن خدام القرآن سنڌ ڪراچي

جي قيام جو مقصد

## ايمان جي مرڪز ـــ يقين جي سرچشمي

# قرآن حڪيم

جي علم ۽ حڪمت جي

وسيع پيماني ۽ اعليٰ علمي سطح

تي تشهير ۽ اشاعت آهي

تہ جيئن امت مسلمہ جي سمجهدار طبقي اندر

تجديد ايمان جي هڪ عمومي تحريڪ برپا ٿئي

۽ اهڙي طرح

اسلام جي نشاة ثانيہ ۽ غلبہ دين حق جي دور

جي واٽ هموار ٿي سگهي

وَمَا النَّصْرُ اِلَّا مِنْ عِنْدِ اللّٰهِ